# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1988

# SINDH ACT NO.V OF 1988

## سنڌ مڪاني حڪومت (ڇهين ترميم) ايڪٽ، 1987

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SIXTH AMENDMENT) ACT, 1987

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 20 جي ترميم
Amendment of Section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1987 جي سنڌ آرڊيننس IX جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance IX of 1987

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1988

# SINDH ACT NO.V OF 1988

## سنڌ مڪاني حڪومت (ڇهين ترميم) ايڪٽ، 1987

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SIXTH AMENDMENT) ACT, 1987

[23 فيبروري 1988]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ڇهين ترميم) ايڪٽ، 1988 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 20 جي ترميم
Amendment of Section 20 of Sindh Ordinance XII

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) ڪو بہ ماڻهو ساڳئي وقت هڪ کان وڌيڪ ڪائونسلن يا ساڳي ڪائونسل جي هڪ کان وڌيڪ اليڪٽورل يونٽ جو ميمبر نہ هوندو، پر زونل ميونسپل ڪميٽي جي ميمبر تي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو ميمبر ٿيڻ تي ڪجهہ بہ لاڳو نہ ٿيندو."

of 1979
1987 جي سنڌ آرڊيننس IX جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance IX of 1987

3. سنڌ مڪاني حڪومت (ڇهين ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**